
ABC
CERTIFIED
سَرتيون
مئي - جون 2009ع
سنڌي ادبي بورڊ



پوڙهين جي ڏينهن تي ڪيتريون خوبصورت پوڙهيون
ميڪ اپ ۽ خوشمزاجي ڪري جوان لڳي رهيون آهن
الطاف شيخ ڪمونو
پهريل ٻارڙن سان گڏ
پوڙهين جي ڏينهن
جو هڪ ڏيک
ڪمونو ڊريس ۾ هڪ ڇوڪري
فوٽو ڪڍي رهي آهي
ڪمونو ڊريس جي دڪان تي
الطاف شيخ جپاني
عورتن سان گڏ
ڪمونو هڪ خوبصورت ڊريس
ڪمونو پهريل ٻارڙا
الطاف شيخ جي ڌيءُ
ايمان ڪمونو ڊريس ۾

سرتيون سنڌ مان نڪرندڙ عورتن جو اڪيلو رسالو

# سرتيون

جلد (20) مئي - جون 2009ع نمبر:5-6



ايڊيٽر: گلبدن جاويد

**مواد موڪلڻ لاءِ ائڊريس**

ايڊيٽر سرتيون

سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، سنڌ.

پوسٽ ڪوڊ نمبر: 76070

**رسالي گهرائڻ لاءِ ائڊريس**

مئنيجر

سنڌي ادبي بورڊ، ڪتاب گهر،

تلڪ چاڙهي حيدرآباد، پوسٽ ڪوڊ 71000

فون: 022-2633679

E-mail: Sindhiab@yahoo.com

Website: www.sindhiadabiboard.org



قيمت: 00-25 رپيا، ساليانو چندو 00-300 رپيا

(ٽپال خرچ سميت)

هي رسالو، سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شوري

۾ انچارج مئنيجر خضر خان ڇپيو ۽

پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ اُن کي ڇپائي پڌرو ڪيو

Ph:022-2772670-2771276

Fax: 022-2771602


ايڊيٽر طرفان

# مدر ڊي مبارڪ!

ڪائنات جو سڀ کان خوبصورت ۽ حسين رشتو ماءُ ۽ ٻار جو رشتو آهي. ماءُ ڇپر ۽ ڇانوَ آهي، ماءُ دل جو چين آهي. ماءُ روح جي راحت آهي. ماءُ اکين جي ٺڌاڻ آهي. ماءُ اُها هستي آهي جيڪا پنهنجي ٻار جي شخصيت ناهڻ ۽ سنوارڻ ۽ ڪيس زندگيءَ جا سُک سهولتون ۽ آسودگي ڏيڻ لاءِ وڏي کان وڏي قرباني ڏئي سگهي ٿي.

عورت جڏهن ماءُ ٿئي ٿي ته پوءِ هن منجهان 'مان' وارو احساس گهٽجي ٿو وڃي ۽ ٻارن لاءِ پنهنجو پاڻ تياڳي ڇڏڻ جي حد تائين وڃي سگهي ٿي. عورت جو اهو عمل گهڻو تڻو فطري آهي. ماءُ کي ٻار سان پيار ڪرڻ کان دنيا جي ڪابه طاقت روڪي نٿي سگهي.

ٿوري دير لاءِ ٻالجتيءَ جي تصور ۾ وڃي ڏسجي ٿو ته ماءُ جا ڪهڙا ڳُڻ، ڪهڙا ٿورا ڳائجن. اڄ جي ڏينهن تي هر ماڻهوءَ وانگر مون کي منهنجون مائر: هڪ جنهن ڄميو، ٻي جنهن نپايو ٻيئي شدت سان ياد اچي رهيون آهن. منهنجون مائر اهڙيون مائر هيون جن تي مون کي وڏو فخر ۽ ناز آهي ته هنن پنهنجي حياتيءَ جو هر پل هر خوشي هر خواهش اسان جي حوالي ڪئي، اسان سندن محبتن جي سرور ۾ مگن ۽ محو رهياسين- ڏک ڇا ٿيندو آهي ڪا ڪل ئي ڪانه هوندي هئي، پر اوچتو موت اسان کي ڪانئن ڌار ڪري ويو؛ هينئون قارون قار ڪري ويو- پياسو جيون ۽ سُڃو سنسار ڪري ويو. اسان جي مائرن اسان کي انسانيت ۽ محبت جو فلسفو سمجهايو.

بهرحال، ماءُ هر دور ۾ عظيم رهي آهي ۽ جڏهن اڄ جي ماءُ کي جاڪوڙيندي ڏسجي ٿو ته ايمان وڌيڪ پختو ٿئي ٿو ته اسان جو آئيندو گهڻو ڪامياب ۽ باوقار هوندو ڇاڪاڻ ته اڄ جي ماءُ نه صرف ٻار جي محبت ۾ سرشار آهي پر هوءَ پنهنجو گهڻو توجهه ٻار جي تعليم ۽ تربيت تي ڏئي رهي آهي. سرتيون طرفان سڀني مائرن کي هي ڏينهن مبارڪ هجي!

پڙهندڙ ساٿيو! ماهوار "سرتيون" مئي- جون 2009ع جو شمارو اوهان جي هٿن ۾ آهي، پرچو ڪيئن آهي، پنهنجي راءِ کان ضرور آگاهه ڪندا. اوهان سڀني لکندڙن ۽ پڙهندڙن جي دلچسپي ۽ سهڪار سبب ئي هي شمارو شايع ٿيندو رهي ٿو. اميد ته آئينده به پنهنجو سهڪار جاري و ساري رکندا.

گلبدن جاويد

# مزدور جي اهميت



عبدالغفار صديقي

سماج ۾ هر فرد کي پنهنجو پنهنجو مقام ۽ اهميت آهي. ڊاڪٽر هجي يا انجنيئر، جج هجي يا وڪيل، سيٺ هجي يا نوڪر، آقا هجي يا غلام، زميندار هجي يا هاري، واڍو هجي يا لوهار، موچي هجي يا رازو، مطلب ته هر ڪوئي سماج جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ ۾ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿو، پر ڏٺو وڃي ته انهن سڀني مان معاشري يا انساني سماج کي ترقي وٺائڻ ۽ خوشحال بنائڻ ۾ جنهن طبقي جو وڏو ڪردار رهي ٿو، سو آهي مزدور طبقو، جيڪو محنت مزدوري ڪري ڳگهر جيءَ پورهئي مان پنهنجي ته حق حلال



جي روزي حاصل ڪري ٿو، پر پاڻ کان وڌيڪ ٻين انسانن کي سک ۽ آرام پهچائڻ جو سبب به بڻجي ٿو. ان جي بدلي ۾ هيءُ سماج مزدور کي ڇا ٿو ڏئي! ڇا ٿو سمجهي! ان جو ڪهڙو خيال رکي ٿو!

ها، اسان وٽ ته رواج آهي بيوس، لاچار، مجبور ۽ ڪمزور تي ظلم، زبردستي، ڏاڍ ۽ جبر ڪرڻ. اسان ته مزدور کي انهن ئي شين جو انعام ڏيون ٿا ۽ ان سان گڏ سندس ڪيل پورهئي، محنت ۽ مزدوريءَ جو استحصال ڪريون ٿا. ڇاڪاڻ ته ڏاڍي جي لٺ کي به مٿا آهن.

زندگيءَ جو هيءُ مشاهدو رهيو آهي ۽ جيڪا حقيقت به آهي ته جيڪي ويچارا مزدور ٻين جا گهر ۽ محلاتون ٺاهن ٿا، تن کي گرمي ۽ سرديءَ کان پاڻ لڪائڻ لاءِ پورو گهر به ناهي. جيڪي ٻين انسانن لاءِ زمين کيڙي، رونبا ۽ لابارا ڪري، نانگن بلائن کان پاڻ کي ڪارائي ٻين لاءِ اناج اُپائن ٿا، تن کي پنهنجي ۽ ٻچن کي ڪارائڻ لاءِ هڪ ويلو به نصيب ناهي. جيڪي مزدور رات ڏينهن فيڪٽرين ۾ ڪم ڪن ٿا، تن کي بدن ڍڪڻ لاءِ پورو ڪپڙو به ناهي، دولتمند ماڻهو، انهن مزدورن جي مزدوري ۽ محنت جو ڪين پورو اجورو نٿا ڏين ۽ پنهنجون تجوڙيون ۽ بينڪون ڀريندا، خوب عيش و عشرت سان زندگي گذارين ٿا. سندن دين، ايمان ۽ مذهب فقط ۽ فقط مزدورن جو استحصال ڪرڻ، ڪين پورو اجورو نه ڏيڻ ۽ زندگي عيش و عشرت سان گذارڻ آهي.

اسان جي مذهب اسلام، انهيءَ انسان کي الله جو دوست سڏيو آهي، جيڪو محنت مزدوري ڪري حق حلال جي روزي ڪمائي ٿو، جيئن حضور اڪرم صلعم جن جو ارشاد



# دنيا جي خوبصورت ڊريس - ڪمونو

الطاف شيخ

**جپان جي روايتي ڊريس جو نالو ڪمونو** (Kimono) **آهي جيئن اسان جي ڊريس شلوار قميص سنڌجي ٿي يا ملئي ماڻهن جي باجُو ڪرونگ.** هڪ جپاني عورت ڪمونو بابت ٻڌائيندي چيو هو: ”مغرب جا ماڻهو (يعني يورپي) ڪمونو تي اجايو الزام ٿا هڻن ته اها Impractical ڊريس آهي.“

مون ڪيس پنهنجي طرفان ته ڪجهه نه چيو پر دل ۾ سوچيم يورپي ڳالهه ته صحيح ٿا ڪن. جيئن اسان جي شلوار قميص ڪيترين ڳالهين ۾ سهوليت واري نه آهي. ڇا يورپ جي ٿڌ ۾ ڪو پائي ٻاهر نڪري سگهندو يا ڪارخانن ۽ انجڻين ۾ ان ڊريس سان ڪم ڪري سگهندو جنهن ۾ قميص جو پلئه يا سٿڻ جو حصو گيئرن ۾ ڦاسي ماڻهوءَ کي ماري سگهي ٿو. پر اسان جي موسم ۽ ماحول سٿڻ قميص برمين ۽ تاملن جي گوڏين، دهلوي لکنوين جي چوڙيدار پجامن ۽ نيپالين ۽ سري لنڪن جي ڌوتين ڪان تمام سٺي ۽ فضيلت واري ڊريس آهي. تڏهن ته آڪسفورڊ ۽ ڪئمبرج جو سهڻو جوان ذوالفقار علي ڀٽو، دنيا جو مشهور ڪرڪيٽ رانديگر عمران خان (هاڻي سياستدان) ۽ ننڍي اسڪرين توڙي وڏي اسڪرين جو ڏکهي عرصي ڪان ماڻهن جون دليون موهڻ وارو امتياب بچن سٿڻ قميص پائڻ پسند ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح يارو جپاني ڪمونو ائين آهي جيئن ڪا ڇوڪري پنج ڇهه ڪليل تاڪيا ڪلهن تي رکيو پئي وڃي جنهن ۾ نه تکو هلي سگهي نه هلڪو محسوس ڪري سگهي. گرم ملڪن ۾ ته ان ڊريس ۾ جيڪر ساهه نڪري جو ڪمونو ڊريس ته مٿان ته ٿئي. پر سٿڻ قميص وانگر ’ڪمونو‘ پڻ، ان جي پائڻ واري کي سونهن ۽ grace بخشي ٿو. هڪ هنڌ لکي چڪو آهيان ته ڪمونو جا خوبصورت رنگ ۽ اسٽائيل هڪ پوڙهي عورت کي به حسن ۽ جواني بخشين ٿا. بقول هڪ جپاني. پهرڻ بعد ڪا ڇوڪري بي افعالي تي هلي نٿي سگهي. هن کي وک وک فضيلت سان ڪڻڻي پوي ٿي. هن جي ڳالهائڻ جي ادا ئي ڦريو وڃي.

اها ڳالهه بلڪل صحيح آهي جيتوڻيڪ جپاني سوسائٽيءَ ۾ گهڻو رهڻ سان توهان کي اهڙيون ڪمونو پهريل به ملنديون (خاص ڪري جوان عورتون ۽ يونيورسٽيءَ جون ڇوڪريون) جيڪي ڪمونو پائڻ بعد به پنهنجي ٽرڙپائيءَ ڪان باز نٿيون اچن هلندي رستي تان لنگهندي ڪلئي

# پوڙهين جو ڏينهن ۽ هو جمالو

الطاف شيخ

جپاني ماڻهو شادين مرادين جا ڪاڄ هوٽل ۾ ئي ملهائين. ملهائين چاء ويهارو ڪن مهمانن يا وڌو چيهه تہ پنجاهہ ڪن مهمانن کي گهرائي ماني کارائين. ڳائڻ وڄائڻ يا ڪو گوڙ گهمسان نہ ان هوٽل ۾ ڪن نہ بہ ٿئي.

اسان جي گهٽي ڪوگاني ني چومي (Kogane 2. chome) جي آخري چيڙي وٽ هڪ ننڍڙو پارڪ آهي. ٻن ڏينهن کان اتان لنگهڻ وقت ڏٺم پئي تہ ان کي عورتون صاف ڪري



الطاف شيخ پوڙهين جي ڏينهن تي هو جمالو ۾ جپاني عورتن سان شامل

رهيون هيون. وچ ۾ رکيل پينگهن ۽ گسڪڻ کي هٽائي ڪنڊ ۾ رکيو هئائون ۽ پوءِ وچ تي هڪ اسٽيج بہ ناهي هئائون. سوچيم تہ پڇان تہ ڇاجي تياري ٿي رهي آهي پر هر هڪ عورت صفائيءَ وغيره ۾ سخت مشغول ٿي لڳي. مون کي ائين ئي لڳو تہ ڪو سنڌن ڪاڄ آهي يا موڪلون آهن سو ان پارڪ جي پر وارن گهرن جون هي عورتون ٻارن جو ڪو فنڪشن يا ڊرامو ڪري دل وندرائين ٿيون. ۽ پوءِ سڄ لٿي مهل گهر وينو هوس تہ نغارن ۽ ڪلاسيڪل راڳن جا آواز آيا ۽ مون کي لڳو تہ ان پارڪ مان ئي اچي رهيا آهن. دل چاهيو تہ ڪئميرا کڻي چڪر ڏئي اچان. گهٽي گهوٽيءَ ۾ ڪنهن گهر يا گهٽيءَ ۾. سال جا ڪجهه ثقافتي فنڪشن اهڙا آهن. جن ۾ مڙيئي ٻئنڊ باجو وڄائين ۽ نچن ٽپن: جهڙوڪ ڇوڪرن جي بالغ ٿيڻ تي، ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جي ستن سال عمر ٿيڻ تي، بهار جي موسم ۾ گل ڪڙڻ تي، انهن فنڪشنن جي ڊگهي لسٽ آهي جن مان ڪجهه سڄي جپان ۾ ملهائين تہ ڪجهه خاص صوبن، ٻيٽن ۽ ضلعن تائين محدود آهن. ڪن ڏينهن تي تہ سڄي جپان ۾ موڪل جپاني جي شادي تہ نہ ٿيندي آهي پر هي نمونو شادي جي فنڪشن وارو پيو لڳي.

ڪپڙا بدلائي ڪئميرا کڻي لفٽ ذريعي پنهنجي ائين فلور تان پهرين تي آيس (جپان، ڪوريا ۽ هانگ ڪانگ پاسي گرائونڊ فلور فرسٽ فلور ٿئي ۽ يورپ پاسي يا پاڻ وٽ پاڪستان ۾ زمين سان ليول واري فلور کي گرائونڊ فلور سڏيون ۽ ان بعد پهرين، ٻي ٿي ماڙ ڳڻيون). پارڪ پاسي وڌيس تہ

**شگفته شاهه**

قسط-3

# خواهشن جا گلاب

سر عرفان وري لکي موڪليو: "Plz identify yourself!" (مهرباني ڪري پنهنجي سڃاڻپ ڪرايو).



هاڻي نِدا مڪمل طور شرارت جي موڊ ۾ اچي چڪي هئي. ان لاءِ رومن سنڌيءَ ۾ لکي موڪليو: "تعارف جي قابل ناهيان."

پوءِ سر عرفان جي نمبر تان ڪال آئي. موبائل جي اسڪرين تي سندس نالو چمڪي رهيو هو. هن ڪال اٽيند نه ڪئي ۽ پوءِ لکي موڪليو: "مون کي تلاش نه ڪريو ته بهتر ٿيندو نه ته وري SMS نه ڪنديس."

سر عرفان طرفان ڪو به جواب نه آيو ۽ هن مسڪرائيندي سوچيو: "هاڻي خبر پوندي ته جناب ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهن." هوءَ سندس هن وقت جي بي وسيءَ بابت سوچي مزو وٺي رهي هئي. هن سوچيو ته هو ان مزاق کي جاري رکندي. ائين ڪافي دير گذري وئي، هوءَ ليٽي ليٽي بيزار ٿي وئي هئي جو وري ڪيس ڪنهن هيءُ ميسيج موڪليو:

"چيٽي چنڊ واڌايون!

Sindhi New Year Strats with "Chetti Chand" the moon of harvesters celebrating this occasion in an old-age tradition which manifests then oneness of Sindhis as a civilized nation. This Year it falls on 20· March, today, let us rejoice this day of unity with exchange of Greetings, praying for prosperity of Sindhis all over the world."

نِدا کي اهو SMS پسند آيو ۽ کيس خبر هئي ته سر عرفان پڻ، سنڌي/سنڌ پرست" هو، ان لاءِ هن وري اهو SMS به کيس موڪلي ڇڏيو. پر ڇڱي دير تائين جڏهن هن طرفان موٽ نه ملي ته هوءَ مرڪي ته هن وقت هو ڪيتري نه ڪشمڪش ۾ هوندو. نيٺ هن وري موبائل تي لکي موڪليو:

"توهان هڪ سنڌيءَ جي حيثيت سان مون کي واڌايون ڇو نه ڏنيون؟ ڇا توهان چاهيو ٿا، ته مان توهان سان رابطو رکان؟"

جواب ۾ هن لکي موڪليو: "واڌايون وڏي ڏبيون پر آمهون سامهون ٿي."

---

**"اعتماد هر تعلق/رشتي جو بنياد هوندو آهي. لڳي ٿو ته توهان اهو اصول وساري رهيا آهيو." هن جواب موڪليو.**

---

نِدا مسڪرائي سوچيو ته اڄ لاءِ ايترو ڪافي آهي.

صبح جو عادت مطابق جلدي اڪ ڪُليس ڊرائيور هٿان رپورٽ وارو فائل ۽ ٽن ڏينهن جي موڪل جي درخواست پنهنجي آفيس جي سيڪشن انچارج ڏانهن موڪلي نِدا هلڪو ناشتو ڪيو ۽ ٽنيليٽس کائي پوءِ ڪجهه دير اخبار پڙهي ۽ وري پلنگ تي اچي ليٽي ڪيس لڳو ته وقت جڻ گذري ئي نٿو هوءَ هڪ روٽين ۾ active لائف جي عادي هئي سو هڪ هنڌ ويهڻ کيس عذاب لڳي رهيو هو پر به ٽي ڏينهن ائين ڪرڻ مجبوري هئي. هن ٽائيم ڏٺو، ته صبح جا سوا نُو ٿي رهيا هئا، تڏهن اوچتو موبائل تي نظر پيس ته رات واري شرارت ياد پيس ۽ سوچيائين 'واهه! وقت گذارڻ جو بهترين ذريعو' پوءِ موبائل تي رومن سنڌيءَ ۾ لکيائين:

"مون توهان کي ڊسٽرب ته نه ڪيو؟ مون کي سنڌيءَ ۾ ميسيج ڪرڻ سٺو لڳندو آهي." ۽ عرفان کي موڪلي ڏنائين هن يڪدم موٽ ۾ لکيو.

"مون کي به، نه، توهان ڊسٽرب نه ڪيو."

نِدا تصور ۾ ڪيس هن وقت آفيس ۾ ڪم ۾ مصروف ڏٺو، هو ان مصروفيت مان وقت ڪڍي ڪيس موٽ ڏئي رهيو هو، هن سوچيو ته ڪجهه ڏينهن ڪيس تنگ ڪرڻ ڪانپوءِ هوءَ سيما کي سڄو احوال ٻڌائيندي ته هوءَ به مزو وٺندي هن وري موبائل

---

**نِدا:"الفاظ ته ذهن جو آئينو هوندا آهن. توهان کي منهنجن الفاظن پٺيان هڪ سلجهيل ذهن نظر نٿو اچي؟ اسان ڪا به expectation نٿا رکون. مان توهان کي دوکو ڏيڻ نه چاهينديس ۽ اُميد ته توهان به مون کي غلط نه سمجهندا ۽ ڪڏهن توهان جي سامهون اچي به وڃان ته به ڪنهن ٻئي کي نه ٻڌائيندا.... اوهه!........**

---

تي ٽائيپ ڪرڻ شروع ڪيو:

"رات توهان ڇيو هو ته روبرو ملڻ ضروري آهي. منهنجي نظر ۾ انسان جو 'هئڻ' ضروري آهي، هن جي 'موجودگي' نه روبرو اسان جو ذهن عورت ۽ مرد جي دائري ۾ الجهي ويندو

آهي. مان صحيح چيو نہ؟"

هوءَ پنهنجي شناخت لڪائڻ خاطر 'آءٌ' نہ پر 'مان' استعمال ڪري رهي هئي تہ متان سامهون سندس ٻولي سبب هو ڪيس سڃاڻي وڃي پر ان SMS ۾ پنهنجي سادگيءَ ۾ هوءَ اهو ٻڌائي ويٺي تہ هوءَ 'عورت' هئي جڏهن تہ هن چاهيو پئي تہ عرفان اهو بہ نہ سمجهي سگهي تہ ڪو مرد ڪيس تنگ ڪري رهيو هو يا عورت.

"بالڪل" عرفان جوجواب آيو.

هن وري لکي موڪليو: "هيستائين مون توهان سان جيتري Chatting ڪئي آهي. ان مان توهان مون بابت ڇا اندازو لڳايو آهي؟ ايمانداريءَ سان ٻڌايو تہ ڇا توهان چاهيندا تہ مان توهان سان Chatting جاري رکان؟"

"اعتماد هر تعلق/رشتي جو بنياد هوندو آهي. لڳي ٿو تہ توهان اهو اصول وساري رهيا آهيو." هن جواب موڪليو.

**نِدا فاتحانہ انداز ۾ مرڪي تہ موصوف واقعي ڏهين وڳي کان انتظار ۾ هو ڪيس اها بہ خبر هئي تہ هن وٽ فقط هن لاءِ تجسس جو جذبو هو تہ ڪير آهي جيڪو ڪيس ايڏو تنگ پيو ڪري هن فقط اهو ڄاڻڻ پئي چاهيو ندا لکيو:**
**"ياد ڪرڻ لاءِ مهرباني."**

نِدا لکيو: "پر....... توهان تہ مون کي سڃاڻو ئي نٿا پوءِ مون تي اعتماد ڪندا؟ ۽ توهان هر سوال جو جواب گول مول ۽ محتاط انداز ۾ پيا ڏيو." عرفان لکيو: "مون زندگيءَ ۾ ڪيئي دوکا کاڌا آهن، ان لاءِ ئي محتاط آهيان."

نِدا:"الفاظ تہ ذهن جو آئينو هوندا آهن. توهان کي منهنجن الفاظن پٺيان هڪ سلجهيل ذهن نظر نٿو اچي؟ اسان ڪا بہ expectation نٿا رکون. مان توهان کي دوکو ڏيڻ نہ چاهينديس ۽ اُميد تہ توهان بہ مون کي غلط نہ سمجهندا ۽ ڪڏهن توهان جي سامهون اچي بہ وڃان تہ بہ ڪنهن ٻئي کي نہ ٻڌائيندا.... اوهہ!....... مون کي بہ آفيس وڃڻو آهي. منهنجي خيال ۾ رات جو ڏهين ڪانپوءِ Chatting ڪرڻ مناسب رهندو ٺيڪ؟"

"OK" هن مختصر جواب ڏنو.

"چڱو! ايستائين خدا حافظ پنهنجو خيال رکجو" آفيس جو ندا بهانو ڪيو ڇو تہ نِدا جي آڱرين ۽ اکين ۾ سور ٿي رهيو هو. ايتري ننڍڙي اسڪرين تي نظر کُپائڻ ۽ ننڍن بٽڻن کي آڱرين سان ٽائپ ڪرڻ ٿڪائيندڙ ڪم هو.

ائين ڏينهن گذريو، رات ٿي ڪيس Chatting جو ٽائيم ياد هو مگر هن ڄاڻي واڻي انتظار ڪيو تہ عرفان طرفان ڪهڙو response ٿو ملي ڇا اها Chatting هن لاءِ بہ اهم هئي. اڄ ٽن مهينن بعد پهريون ڀيرو ڪيس فراز جي ڏنل ڌڪ نہ تڙپايو عرفان کي تنگ ڪرڻ جي سوچن ۽ هن جي جوابن ۾ ئي سندس ڌيان رهيو.

جڏهن يارهن ٿيا تڏهن شايد عرفان طويل انتظار بعد نيٽ ڪيس Chatting ڪري "Hello!" لکيو ۽ پوءِ "ڪيئن آهيو؟"

نِدا فاتحانہ انداز ۾ مرڪي تہ موصوف واقعي ڏهين وڳي کان انتظار ۾ هو ڪيس اها بہ خبر هئي تہ هن وٽ فقط هن لاءِ تجسس جو جذبو هو تہ ڪير آهي جيڪو ڪيس ايڏو تنگ پيو ڪري هن فقط اهو ڄاڻڻ پئي چاهيو ندا لکيو: "ياد ڪرڻ لاءِ مهرباني."

عرفان: "Still waiting" (انتظار ۾ آهيان)"

نِدا:"for what" (ڇا جو انتظار؟)"

عرفان: "توهان جي شناخت"

نِدا: "ڇا اها ڳالهہ ايتري اهم آهي؟"

عرفان: "I don't like to play games"

نِدا: مان خود games ڪرڻ پسند نہ ڪندس"

عرفان: "پوءِ لِکو ڇو ٿا؟"

ندا: "ڇا ان ۾ خوبصورتي ۽ ڪشش ناهي؟"

عرفان: "مان واضح ۽ کليل ڳالهيون پسند ڪندو آهيان"

اوچتو ندا کي محسوس ٿيو تہ هوءَ عرفان سان مذاق ڪري هڪ غلط ڪم ڪري رهي هئي ائين نہ ٿئي تہ هوءَ سڃاڻي سندس ڪنهن ڳالهہ يا سامهون اچڻ تي ڏُکي ٿئي. ان لاءِ هن لکيو:

"سچي ڳالهہ اها آهي تہ منهنجو مقصد صرف توهان کي تنگ ڪرڻ هو پر هاڻي خيال اچي ٿو تہ ڪٿي توهان hurt نہ ٿيو.؟

عرفان هڪ شعر لکي موڪليو:

"انت هر ڳالهہ جو ڪنهن سوال تي ٿو ٿئي،
روشن ڪيئي تارا فلڪ ۾،
پنڌ پنهنجو پر ڪنهن اونداهي خال کي ٿو رسي."

ندا لکيو: "ڇا مطلب؟"

عرفان طرفان موٽ نہ ملي تہ وري لکيائين: ڪوشش ڪري سگهو ٿا ۽ توهان شايد مون کي ڪيترن انهن ماڻهن کان بهتر پائيندا، جيڪي توهان لاءِ سڃاتل آهن."

عرفان لکيو: "تنگ ڪرڻ لاءِ مهرباني"

"بس،..... ايترو جلد تنگ ٿي ويا؟" ندا

مهر النساءِ لاڙڪ

# شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي ياد ۾ ڪرايل پروگرام جو احوال



ڊاڪٽر سليمان شيخ، سسئي پليجو ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين اسٽيج تي ويٺل

جنهن سماج جي فردن ۾ صحتمند ۽ تعميري صلاحيتن جو عنصر موجود هوندو آهي، اهو سماج ترقيءَ جي منزلن کي ماڻڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿي ويندو آهي. قومن ۽ سماجن اندر، انهن ماڻهن کي ملڪ جي مستقبل سان واڳيو ويندو آهي. مثبت سوچ رکڻ وارا انسان سماج جي تعميري صحتمند سرگرمين ۾ مصروف رهندا آهن.

جديد دنيا جي ترقيءَ واري سماج جي نئين تصور ۾ جتي ٻين ملڪن جون عورتون هر شعبي ۾ اڳيان آيون آهن اتي سنڌ جي عورتن بہ پنهنجو پاڻ ملهايو آهي ۽ اسان جي شهيد راڻي سڄي دنيا ۾ سنڌ جو ڳاٽ اوچو رکيو.

شهيد راڻيءَ کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ ناري سنگت، سگا عورت برانچ ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي سهڪار سان، 31 مارچ 2009ع تي، شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جي نانءِ 'يادِ بينظير' ملهايو ويو.

هن پروگرام جي خاص خوبي اها هئي تہ ناري پبليڪيشن پاران ڇپايل ٻن ڪتابن 'رڌٽي جي راڻي' ۽ 'ڪيئن وساريان ويڙهيچن' جو مهورت ڪرايو ويو ۽ آخر ۾ 'ڪل سنڌ ناري مشاعرو' پڻ منعقد ڪيو ويو.

هن پروگرام ۾ خاص مهمان سياحت ۽ ثقافت کاتي جي صوبائي وزير سسئي پليجو، ڊاڪٽر سليمان شيخ، ڊاڪٽر فهميده حسين، ۽ راجيندر عرف راجو هئا.

ان کان علاوه نذير ناز ۽ ثقافت کاتي جي سيڪريٽري شمس جعفراڻيءَ کي پڻ اسٽيج تي ويهاريو ويو.

سنڌ جي خوبصورت ۽ قديم روايت کي برقرار رکندي سڀ کان پهريائين اسٽيج تي ويٺل مهمانن کي اجرڪ ۽ گلن جا هار پارايا ويا.

پروگرام جي پهرين حصي جي ڪمپيئرنگ ڊاڪٽر عربيہ نور ڪئي. پروگرام جو باقاعدي آغاز تلاوت ڪلام پاڪ ۽ نعت رسول مقبول صلعم سان ڪيو ويو. ان کان پوءِ ناري سنگت ۽ سگا عورت برانچ جي صدر نذير ناز پنهنجي آجياڻي تقرير ۾ ل مهمانن جا ٿورا مڃيا. ان کان پوءِ ننڍڙين شاگردياڻين، صومير، صوبيہ ۽ نيها هڪ ويلڪم گيت پيش ڪيو. جنهن جا ٻول هئا. 'گل ڪپاءِ نہ مالهي مون کي هار گهرجن'.

تاج جوئي، ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو، ڊاڪٽر سليمان شيخ، ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ راجندر، شمس جعفراڻي ۽ محترمہ سسئي پليجو شهيد راڻيءَ کي خراج تحسين پيش ڪيو.

پروگرام جي ٻئي حصي يعني مشاعري شروع ٿيڻ کان پهرين، سڀني شاعرائن کي اسٽيج تي گهرايو ويو. سسئي پليجو شاعرائن کي رنگ برنگي پوتيون پارايون. جيئن تہ محترما سسئي پليجو کي ضروري ميٽنگ ۾ ڪراچي واپس وڃڻو هو، انڪري اُها رواني ٿي ويئي.

مشاعري جي ڪمپيئرنگ مهرالنساءِ لاڙڪ ڪئي ۽ صدارت سنڌ جي نامور شاعره محترمہ مريم مجيدي صاحبہ ڪئي. گلبدن جاويد، ڊاڪٽر عربيہ نور، نذير ناز، نجمہ شيخ، روبينا قريشي، نجمہ پنهور، ڪزبانو ڇانگ، زيب نظاماڻي، نيلوفر، ڪوثر، مهرالنساءِ لاڙڪ ۽ ٻين پنهنجي نڪور شاعري ٻڌائي خوب داد حاصل ڪيو. ائين شعرن جي رڌم ۽ تاڙين جي گونج ۾ هن پروگرام جي پڄاڻي ٿي. آخر ۾ سنڌ جي روايت مطابق سڀني مهمانن کي ماني کارائي ويئي.



محترمہ سسئي پليجو گلبدن جاويد کي پوتي پارائي رهي آهي

# شاعره، ڪهاڻيڪار، ڪالم نگار ۽ WAF جي ميمبر
# حسين مسرت شاهه سان ڳالهه ٻولهه

ڳالهه ٻولهه ڪندڙ: گلبدن جاويد

## جڏهن آءٌ ڄايس ته منهنجي ڏاڏيءَ مون کي پنجن پٽن جي برابر قرار ڏنو: حسين مسرت شاهه

**سرتيون:** سڀ کان پهرين پنهنجي نندپڻ ۽ ڪٽنب بابت تفصيل سان ٻڌايو؟



حسين مسرت شاهه جو نندپڻ

**حسين:** گل! مون کي انٽرويو ڏيڻ نه وڻندو آهي پر تنهنجي تمام گهڻي اصرار تي ڪوشش ڪري رهي آهيان، لکڻ منهنجي لاءِ ڪڏهن به مسئلو نه رهيو آهي، پر گذريل سڄو ڏينهن سوچڻ ۾ گذري ويو، تمام گهڻو پري نڪري ويس، ڪالم، شاعري ۽ ڪهاڻيون لکڻ تمام سولو آهي، پر پنهنجي باري ۾ لکڻ تمام مشڪل ڪم آهي. پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ، پرکڻ، سمجهڻ، سچ پڇ ته ڏکيو ڪم آهي، شايد ان ڪري ئي پاڻ سڃاڻڻ رب سائين کي سڃاڻڻ جي برابر چيو ويو آهي.

بهرحال، منهنجو تعلق شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي خاندان سان آهي. وڌيڪ تفصيل ڇا ٻڌايان...؟ جيئن هڪ سادات گهراڻو هوندو آهي. منهنجو ڪٽنب به ائين ئي آهي. ڪجهه ترقي پسند سوچ رکندڙ، ڪجهه رسمن رواجن ۾ قائل، ڪجهه پابندين کي ٽوڙيندڙ ڪجهه رواجن ۾ قيد.

گل! مون کي اهو سٺو لڳندو آهي ته منهنجي سڃاڻپ منهنجي نالي سان ٿئي، خاندان جي حوالي سان نه ٿئي.

نندپڻ منهنجو ٻين جي نظر ۾ تمام شاندار ؟ يو. منهنجي ڏاڏي ٻڌائيندي هئي ته هن بابا سائين جي شاديءَ کان پوءِ شاهه پٽائيءَ تي پُٽ ٽيڻ جي باس باسي ۽ 5 رپيا نذر ڏيئي آئي. جڏهن آءٌ



حسين مسرت شاهه اسڪول طرفان ڪرايل ڪهاڻي جي مقابلي ۾ پهريون نمبر اچڻ تي انعام وٺي رهي آهي

حسين مسرت شاهه گورنمينٽ گرلس ڪاليج ۾ شاهه لطيف ڏي تي تقرير ڪندي

جايس تہ منهنجي ڏاڏيءَ مون کي پنجن پٽن جي برابر قرار ڏنو. ننڍپڻ ۾ منهنجو هر ضد، هر خواهش پوري ڪئي ويئي. سادات گهراڻي جون پابنديون پنهنجي جاءِ تي قائم رهيون پر منهنجي خوشيءَ کي اوليت ڏني ويندي هئي.

**سرتيون:** پرائمري تعليم ڪٿي حاصل ڪئي؟

**حسين:** مٽياري ۾.

**سرتيون:** ننڍپڻ جون ڪي خوشگوار يادون؟

**حسين:** منهنجو ننڍپڻ ٽن شهرن ۾ گذريو آهي، جيئن مٽياري، ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾، ڪراچيءَ جون يادون وڌيڪ خوشگوار آهن. ڪراچيءَ جا اهي ڏينهن جڏهن بابا صبح جو فجر نماز کان پوءِ واڪ ڪرڻ لاءِ وٺي ويندو هو. اسان جو گهر هو 'عالمگير روڊ' تي، اتان کان پنڌ ڪري ايندا هئاسين، بهادر آباد جي 'ايس ڊي ايم پارڪ' تي، ڪڏهن 'اميند پارڪ' تي. بابا پنڌ هلڻ جي ترغيب ڏيندو هو. امان هميشہ ٿڪجي اڌ پنڌ تي ويهي رهندي هئي. اسين پينرون ۽ بابا اڳتي نڪري ويندا هئاسين.

مٽياري حويليءَ جي اڱڻ تي بابا جو اسان پينرن سان ڊوڙڻ، فٽ بال ۽ بيڊ منٽن کيڏڻ، ڪراچيءَ جي پارڪن ۾ ڊوڙڻ، مستي مذاق سبب هر پل هر سيڪنڊ خوشگوار گذرندو هو.

ڪنيز هميشہ منهنجي ۽ بتول جي لمڪا ڊرنڪ مان اڌ پي ويندي هئي. آءٌ ڪنيز جو ڪمند جو رس پي ويندي هيس. نزهت کي رول ڪباب وڻندا هئا. ڪنيز وٺڻ مهل چوندي هئي تہ "مون کي مرچ ٿا لڳن" پر پوءِ اسان سيني پينرن کان هڪڙو هڪڙو گرهہ Bite ضرور وٺندي هئي. بتول شمس جي فالودي مان









# ڪنهن سان سورسليان

ريحانہ نظير

**مرد جي مظلوميت جي هڪ انوکي ڪهاڻي جيڪا مردن ۽ عورتن ٻنهي کي پڙهڻ گهرجي**

هُو هميشہ چپ چاپ ڪنهن گهري سوچ ۾ ٻڏل رهندو هو.

سمجهيم تہ شايد هيءُ سنجيده ۽ چپ رهڻ وارن ماڻهن مان هجي، جيڪي پنهنجي ڪم سان ڪم رکندا آهن. ڪير مري يا جيئي انهن جو ڪنهن سان وجي ڇا؟؟ پر ائين بلڪل نہ هو، ان جو اندازو مون هوريان هوريان تڏهن وڃي لڳايو هڪ ڏينهن جڏهن ميوزڪ شاپ تان ڪئسٽ پئي ورتم تہ هن چيو: "مان بہ ڪئسٽ وٺندس ماسٽر چندر جي."

ڏاڍو تعجب لڳو تہ هيڏو نوس مزاج رکندڙ ماڻهو موسيقيءَ سان لڳاءُ رکي سگهي ٿو. سو بہ اڳوڻي موسيقيءَ سان. مون کي تجسس ٿيو تہ ڪنهن ڏينهن پڇنديس.

ائين ڪيترائي ڏينهن گذري ويا. نيٺ هڪ ڏينهن مون ڪانئس پڇي ورتو تہ پهرين تہ هن ٽارڻ شروع ڪيو، پر پوءِ منهنجي زور ڀرڻ تي هن جيڪا پنهنجي زندگيءَ جي الميي جي ڪهاڻي ٻڌائي، سا ڏاڍي دکدائڪ هئي. هن جي زندگيءَ جي الميي ۾ عورت جو ڪردار تمام منفي رهيو.

عورت جيڪا ڌرتيءَ کي هڪ جوڙيندڙ ڪردار جي حامل رهي آهي، جيڪڏهن پيار ڏيڻ چاهي تہ سمنڊ جو پاڻي ڪُٽي وڃي پر سندس پيار گهٽ نہ ٿئي. جڏهن وفا ڪرڻ تي اچي تہ دنيا هڪ طرف پاڻ هڪ طرف. ڪائنات جي خوبصورتي برقرار رکڻ جو عورت هڪ جزو آهي. پر افسوس، ايڏي رتبي ماڻيندڙ عورت جو جيڪڏهن ٻيو پهلو ڏسجي تہ اهو صرف بربادي ئي بربادي نظر ايندي!

هُن سان بہ ڪجهہ ائين ٿيو هو.

هن ٻڌايو: سندس شادي پنهنجي سڳي پڦيءَ جي ڌيءَ سان ٿي. پنهنجي حيثيت آهر هن کي خوش رکڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. پر وريو ڪي ڪين. هن عورت پنهنجي حسد، ساڙ ۽ جهالت ۾ پنهنجي ئي گهر کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو. هن کي نہ صرف مڙس سان نفرت هئي پر ان سان لاڳاپيل هر رشتي کان بہ نفرت هئي. جڏهن مڙسس جا ماءُ پيءُ گهر ۾ آيا تہ هن انهن سان اهڙو سلوڪ رکيو، جو اُهي مرندي مري ويا، پر ٻيهر پنهنجي اڪيلي پٽ جي در تي لڙي نہ آيا.

پيءُ ماءُ جي وڇوڙي هن جي دکي دل کي تهائين وڌيڪ جهوري وڌو. گهر ۾ اڪيلي اها ساڙجي باهہ ۾ پچندڙ عورت رهندي هئي. ڪيس ڪو بہ اولاد نہ ٿيو. اها الائي قدرت طرفان سزا هئي يا ڪا مصلحت!



# ڊائري جو ورق هي سال!

حسين مسرت شاهه

**هميشه** وانگر هي سال به گذري ويو، انگ مٽجي ويا ڪئلينڊر مٽجي ويو. نئين سال جو صبح تمام خوبصورت ۽ روشن آهي. سال جي تبديليءَ جو احساس به تمام خوشگوار آهي. رات جو دير تائين مختلف عزيزن جا موبائل تي ايس ايم ايس ايندا رهيا. ڪجهه دعائن ۽ ڪجهه اميدن سان نئين سال جي ابتدا ٿي وئي.

سال جو آخري هفتو هر ڪو تمام پر جوش هوندو آهي. مختلف پروگرام ٺاهيا ويندا آهن، پارٽيون ٿينديون آهن، گهمڻ ڦرڻ جا پروگرام ٺاهيا ويندا آهن، پر سڀ جوش ۽ ولولو صرف هڪ رات جو هوندو آهي. صبح جو هر شيءِ ساڳي هوندي آهي. صرف هڪ نواڻ جو تاثر هوندو آهي.

ڪڏهن ائين ڇو نٿو ٿئي ته...؟
اسين پنهنجي سوچ ۾ نواڻ آڻيون.
يا ائين ٿيڻ گهرجي جو نئين سال سان گڏ
اسان جون سوچون مٽجن
سمجهه مٽجي!
اهڙي سوچ جيڪا...
ڪنهن کي زندگي جيئڻ جو حق ڏياري.
اهڙي سوچ جيڪا دلين ۾ سگهه پيدا ڪري
اهڙي سگهه جيڪا ڪنهن هڪ
هٺ ٺوڪي رسم کي ختم ڪري
اها رسم جيڪا ڪنهن بي گناهه کي
زنده زمين ۾ دفن ڪرائي...
ڪڏهن ائين به ٿئي ته...
ان نازڪ وجود کي
زمين جي اندران ڪڍي
هن کي آزاديءَ سان ساهه کڻڻ ڏنو وڃي
ڪڏهن ائين به ٿيڻ گهرجي ته...

جيئڻ ۽ مرڻ تي اختيار نه رکندڙ زندگين کي پنهنجي مختصر زندگيءَ مٿان اختيار ڏنو وڃي.

هو ڳوٺ جي هڪ غريب ڇوڪري هئي، هن جون ڪاريون ڪجل لڳل زندگيءَ سان ڀرپور اکيون جن ۾ سال جي پهرين صبح کان وڌيڪ روشني ۽ چمڪ هئي، هن جي ڳالهين ۾ زنده رهڻ جي اميد هئي. پر هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو هن خودڪشي ڪري ڇڏي. هن فصلن کي بيمارين کان بچائڻ واري دوا پي پنهنجو انت آندو... قتل ۽ خودڪشيءَ ۾ فرق ته آهي پر ڪجهه آپگهات قتل جي برابر هوندا آهن، ڇو ته ڪنهن هوشمند انسان کي بيوس بنائي هن کي زندگيءَ کان مايوس ڪري موت ڏانهن ڌڪڻ وارا قاتل ئي آهن.

هن ڇوڪريءَ جا قاتل به هن جا پنهنجا ئي هئا، جن هن کي پنهنجي پسند جو جيون ساٿي منتخب ڪرڻ جي اجازت نه ڏني. هن تي ايتري قدر ذهني ٽارچر ڪيو ويو جو هوءَ آپگهات ڪرڻ تي مجبور ٿي وئي.

جڏهن جانورن .کي گهرن ۾ پاليو ويندو آهي ته انهن جي به هر ضرورت جو خيال رکيو ويندو آهي. ۽ جڏهن وقت جي پڃرن ۾ جانورن کي قيد ڪيو ويندو آهي ته به انهن جي خصلتن، عادتن ۽ طاقت جي توازن کي نظر ۾ رکي پوءِ گڏ رکيو ويندو آهي ته جيئن هو هڪٻئي کي نقصان نه پهچائي سگهن. پر اسان جي سماج ۾ زندگي گذارڻ لاءِ ڪنهن کي پسند ڪرڻ ناقابل معافي گناهه سمجهيو ويندو آهي.

اسان جي سماج جي باشعور ذهنن ۽ اکين ۾ اهي ئي سوال ٿا اڀرن ۽ آخر اهو سڀ ڪيستائين ٿيندو رهندو...؟ ڪيستائين معمولي معمولي ڳالهين تي معصوم زندگيون برباد ٿينديون رهنديون؟

## نثري نظم

### محبت

مون کي انتظار کان نفرت آهي...!
مون کي جهڪڻ کان نفرت آهي.........!
مون کي
ٽڙ پڻ............!
ڦٿڪڻ...............!
روئڻ...............!
کان نفرت آهي.........!
اها شي جيڪا ڪمزوري بنجي وڃي
ان کان نفرت آهي.
لاحاصل شيءِ جي خواهش کان نفرت آهي.
اها شي جيڪا پنهنجي وجود کان
مٺي ٿي وڃي.....
ان کان نفرت آهي............!
جيڪا شيءِ عورت کي پنهنجو پاڻ کان
الڳ ڪري ڇڏي.
ان کان نفرت ٿي ڪريان.........!
ان ڪري ئي شايد.............
شايد مون کي تنهنجي محبت کان
نفرت آهي.

گهر ۾ نوڪري ڪرڻ واري انڌي ڇوڪريءَ کي جنهن سان گهر جي مالڪ: پيءُ ۽ پٽ ڪيترائي ڀيرا زوري زنا ڪئي هئي تنهن کي ڦٽڪن جي سزا ڏني وئي.

انهيءَ آرڊيننس هيٺ پاڪستاني عيسائي يا پارسي ڪنهن ٻہ غير مسلم عورت سان زوري زنا جي سزا مسلمان عورت جي مقابلي ۾ گهٽ رکي وئي آهي. اها اسان سيني مسلمان عورتن لاءِ نهايتِ شرم جهڙي ڳالهہ آهي ۽ اسلام جي روح جي خلاف آهي، ڇو تہ اسان جي پياري مذهب جو بنياد برابري ۽ انصاف تي آهي.

اهڙيءَ طرح هڪ مرد جي شاهديءَ جي ڀيٽ ۾ ٻن عورتن جي شاهديءَ وارو قانون لاڳو ڪيو ويو آهي. جنهن جي حساب سان عورت جي سمجهہ ۽ عقل کي مرد جي سمجهہ جي اڌ برابر قرار ڏنو ويو آهي.

انهيءَ قانون موجب هڪ سمجهدار ۽ پڙهيل لکيل عورت جي شاهديءَ جي ڪا اهميت ناهي. ان جي ڀيٽ ۾ هڪ گهٽ سمجهہ وارو اڻ پڙهيل مرد قانون جي نظر ۾ وڌيڪ معتبر آهي ڇو تہ هو مرد آهي.

اسين سمجهون ٿيون تہ عورتن جي انتهائي توهين ڪرڻ وارو هي قانون اسلام جي روح جي خلاف آهي. اسان جو پيارو دين عورت ۽ مرد وچ ۾ امتياز جي ڳالهہ نٿو ڪري، حقيقت اها آهي تہ ڪجهہ تنگ نظر ماڻهن، ظالم ۽ سفاڪ مردن هڪ پاڪ ۽ صاف دين کي صدين کان عورتن جي خلاف استعمال ڪيو آهي ۽ مقدس ڪتابن کي بہ پنهنجي مرضيءَ جو معنائون ڏيندا رهيا آهن.

پاڪستان ۾ ڪيترين ئي تنظيمون انهن اڳوڻن ڪارن قانونن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن.

انهن تحريڪن جي ڪاميابي ۽ سوڀ جو دارو مدار سماج جي ڪُل پاسائين ۾ ڀرپور شعوري عملي تحرڪ وڌڻ، سجاڳيءَ لاءِ لکڻ وغيره.

پاڪستان ۾ عورتن کي حق ڏيڻ لاءِ انهن جو سماجي رتبو وڌائڻ لاءِ پهريون ڀيرو جسٽس ناصر اسلم زاهد جي سربراهيءَ ۾ هڪ ڪميشن قائم ڪيو ويو. ان ڪميشن تمام سٺيون تجويزون ڏنيون آهن. انهن تي ۽ اهڙين ٻين سفارشن تي عورتاڻي حقن ۾ بهتري آڻڻ لاءِ موجوده حڪومت ڪم ڪري رهي آهي. ان لاءِ سڄي سماج کي متحرڪ ٿيڻ گهرجي، حق گهر ويٺي ڪو نہ ملندا آهن.

1994ع تي ڪميشن پنهنجون سفارشون پيش ڪيون جيڪي هن ريت آهن.

**تحقيقاتي ڪميشن جي سفارش جا اهم نڪتا:**

1. بلدياتي سطح کان سينيٽ تائين تمام چونڊيل ادارن ۾ عورتن کي 33 سيڪڙو نمائندگي جي ضمانت ڏني وڃي.
2. غيرت واسطي قتل کي ڄاڻي ٻجهي قتل ڪرڻ قرار ڏنو وڃي.
3. ملڪيت وغيره جي معاملن ۾ خانداني رواجن ۾ موجود استحصال ختم ڪيو وڃي.
4. اسلامي نظرياتي ڪائونسل ۾ عورتن کي نمائندگي ڏني وڃي.
5. مسلم عورتن لاءِ خانداني قانون ۾ سڌارو آندو وڃي.
6. حدود آرڊيننس ۾ ترميم ڪرڻ بدران بنياد کان ئي رد ڪيو وڃي ڇو تہ اهو عورتن سان نہ رڳو امتيازي سلوڪ رکي ٿو، بلڪ اسلامي نظرين جي بہ خلاف آهي.
7. تعليم ۽ ملازمت سميت سيني ڪاتن ۾ جنسي امتياز رکڻ خلاف پابندي لڳائي وڃي.
8. اهڙن شخصن، ادارن ۽ تنظيمن مٿان ڪارروائي ڪئي وڃي جيڪي عورتن کي پنهنجي راءِ ڏيڻ جي حق کان روڪين ٿا.
9. مڙس جي هڪ کان وڌيڪ شادين جي صورت ۾ عورتن کي طلاق جو حق ڏنو وڃي.
10. مڙس کي ٻين شادي جي اجازت فقط زال جي خاص اجازت سان تڏهن ڏني وڃي جڏهن هو پهرين زال جي تحفظ جي ضمانت ڏئي.
11. عورتن جي سندن مرضيءَ خلاف زور زبردستيءَ شادي ڪرائڻ وارن خلاف قانون ٺاهيو وڃي.
12. زال کي مارڪٽ ڪرڻ واري کي سزا ڏني وڃي ۽ عورتن جي اوچتي ۽ پراسرار موت جي باري ۾ باقاعدي جاچ ڪئي وڃي.
13. ڇوڪريءَ جي شاديءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ عمر 16 سال مقرر ڪئي وڃي ۽ ان کي بتدريج وڌائي 18 سال ڪيو وڃي.۽ فقط غير معمولي حالتن ۾ ڇوڪريءَ کي سورهن سالن جي عمر ۾ شاديءَ جي اجازت هجي.



# آرٽ جي دنيا





**شگفتہ شاھ سنڌي ادب جي حوالي سان هڪ خوبصورت نالو آهي، پاڻ شاعره، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار ۽ ڪمپيئر کان علاوه هڪ مجيل مصور پڻ آهي. مصوريءَ جي ميدان ۾ حاصل ڪيل ايواردن ۽ سرٽيفڪيٽن جو تفصيل هن ريت آهي:**

1. مهراڻ آرٽس ڪائونسل طرفان 4 نومبر 1984ع ۾ ”شاھ لطيف جي شاعري تصويرن جي آئيني ۾“ تي انعام.

2. 1988ع تي، سنڌ يونيورسٽي سنڌي ڊپارٽمينٽ طرفان بين-



الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي بهترين ڪارڪردگيءَ جو سرٽيفڪيٽ.

3. 12 مارچ 1989ع تي ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽ فيڊريشن طرفان سنڌ فلسطين يڪجهتيءَ جي عنوان هيٺ ڪرايل نمائش ۾ نيو





ٽنڪرس فورم طرفان بهترين ڪارڪردگيءَ جو سرٽيفڪيٽ.



4. پهرين جون 1994ع تي ڪالا باغ ڊيم خلاف ٿيل احتجاجي قومي مارچ لاءِ ناهيل مونو گرام تي آفرين نامو سرٽيفڪيٽ ۽ شيلڊ.

5. A.K.B شيخ فائونڊيشن طرفان سنڌ جي عظيم چترڪار ع. ق. شيخ جي ورسيءَ جي موقعي تي مليل شيلڊ.

6. 12 سيپٽمبر 1999ع تي ڪرايل گروپ نمائش ۾ بهترين ڪارڪردگيءَ جو سرٽيفڪيٽ.

7. I.D.O طرفان 22 مارچ 2003ع تي سنڌ ميوزيم حيدرآباد ۾ ڪرايل گروپ نمائش ۾ بهترين ڪارڪردگيءَ جو سرٽيفڪيٽ.

8. ڪي ايف سي حيدرآباد طرفان شاگردياڻين ڪي تيار ڪرڻ تي 2005ع تي پهرين پوزيشن ڪڻڻ سبب سرٽيفڪيٽ.

9. 27 ڊسمبر 2008ع تي ثقافت ۽ سياحت کاتي سنڌ حڪومت طرفان ڪرايل بينظير ڀٽو جي تصويرن جي مقابلي ۾ پهريون انعام.

10. بهترين آرٽسٽ جي شيلڊ.

جڏهن تہ 25 کان وڌيڪ نمائشون (4) انفرادي ۽ 21 گڏيل.

صفحي پٺي تان ڪنيل

مئي مهيني ۾ هر سال اسين مزدورن جو ڏينهن ملهائيندا آهيون، انڪري ته نه فقط اها ياد تازي ڪريون ته آمريڪا جي شڪاگو ۾ مزدورن ظلم ۽ استحصال خلاف آواز اُٿاريندي پنهنجي حقن جي حفاظت لاءِ جلوس ڪڍي گوليون کاڌيون ۽ قتل ٿيا، بلڪ ان لاءِ به ته سماج جي سرمائيداري طبقي کي ٻڌايون ته مزدور به اسان وانگر انسان آهن.

حضرت موسيٰ عليه السلام ٻين جون ٻڪريون چاري روزي ڪمائي. خود حضور اڪرم صلعم جن به مڪي زندگيءَ ۾ ٻين جون ٻڪريون چاريون ۽ اجوري تي واپار ڪرڻ لاءِ وڏي جاڪوڙ ڪئي.

نبي ڪريم ﷺ جن جو ارشاد آهي ته اوهان مان ڪو شخص ڪاٺين جي ڀري پٺيءَ تي کڻي، وڪڻي ان مان پنهنجي روزي حاصل ڪري ته ان کان هزار دفعا بهتر آهي جو ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگي يا سوال ڪري گهري ونجي. ان ۾ انساني عظمت ختم ٿئي ٿي، جڏهن ته محنت ڪرڻ ۾ انساني عزت ۽ عظمت برقرار رهي ٿي، عزت نفس ۽ خودداري قائم رهي ٿي.

مئي مهيني ۾ هر سال اسين مزدورن جو ڏينهن ملهائيندا آهيون، انڪري ته نه فقط اها ياد تازي ڪريون ته آمريڪا جي شڪاگو ۾ مزدورن ظلم ۽ استحصال خلاف آواز اُٿاريندي پنهنجي حقن جي حفاظت لاءِ جلوس ڪڍي گوليون کاڌيون ۽ قتل ٿيا، بلڪ ان لاءِ به ته سماج جي سرمائيداري طبقي کي ٻڌايون ته مزدور به اسان وانگر انسان آهن، سندن جسم ۾ به اسان جهڙوئي رت ڊوڙي رهيو آهي. ڪين به بک، اُڃ، سردي، گرمي، بيماري ۽ حادثن ۾ اهڙي ئي تڪليف پهچي ٿي، جهڙي اسان کي، پوءِ ڇو نه انهن جي پرگهور لهون ۽ سندن مزدوري ۽ محنت جو ڪين پورو پورو اجورو سندن پگهر سڪڻ کان اڳ ۾ ادا ڪريون.

ياد رکڻ گهرجي ته اسان جي سک، آرام ۽ گهر کي ناهڻ لاءِ جيڪا محنت مزدور ڪري ٿو سا اسان پاڻ ڪونه ٿا ڪريون. مزدور جيڪڏهن مزدوري ڪرڻ ڇڏي ڏئي ته اسان نه اڇا اُجرا ڪپڙا پائي سگهون، نه صاف سٿرن گهرن ۾ رهي سگهون، نه شيل شڪار ڪري سگهون، نه ڪاڏو ڪائي

**محنت ڪرڻ ۾ انساني عزت ۽ عظمت برقرار رهي ٿي، عزت نفس ۽ خودداري قائم رهي ٿي.**

سگهون ۽ نه ڪو ٻيو ڪم ڪري سگهون. مزدور جي ڪري ئي اسان جي آن بان عزت ۽ آرام قائم آهي. ان ڪري ان جي اهميت کي سمجهون، مٿس ڏاڍ، ظلم ۽ جبر ڪرڻ کان هٿ کي روڪيون ۽ ڪيس پورو پورو اجورو ادا ڪريون، جيڪو سندس بنيادي حق آهي.

عذرا سرور

# سرنهن جو گل

سرنهن جي گل جيان لڳي پيو تنهنجو چهرو
تنهنجيءَ اُن اداسيءَ کي نانءُ ڏيان ڪهڙو

اکيون اجهايل، وار پکڙيل، مُک لوسائيل
تنهنجيءَ ان پريشانيءَ کي نانءُ ڏيان ڪهڙو

سڀ لڙڪ، سڀ ويرانيون تو جهول ڀري جهليون
تنهنجيءَ ان سخاوت کي نانءُ ڏيان ڪهڙو

هر شخص مليو تو هن دنيا ۾ بي مروت
گهاوُتي گهاوُ جو ڏيئي ان کي نانءُ ڏيان ڪهڙو

اي دوست زندگي پاڻيءَ تي ڦوٽي مثل آهي
اُن زندگيءَ تي ناز کي نانءُ ڏيان ڪهڙو

پيار ۾ اهڙا درد هر وک ملندا آهن
نينهن لائي پوءِ پڇتائڻ کي نانءُ ڏيان ڪهڙو

سرنهن جي گل جيان لڳي پيو تنهنجو چهرو
تنهنجي ان ويرانيءَ کي نانءُ ڏيان ڪهڙو.

*

ڪوئل لنوي پئي لاتيون
تنهنجيءَ ياد ۾ سڄڻ
جاڳي گذاريم راتيون.

پاڻيءَ مٿي ڪنول گل
لهرين لهرين چوڏس ڦل
هاڻي اچي تون مون سان مل.

*

## Magazine 'Sartyoon' - Redg. No: NS-19



محترم پير مظهر الحق سينيئر وزير، وزير تعليم ۽ چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ جي حڪم تي، 'سنڌي ادبي بورڊ' پاران نڪرندڙ عورتن جي اڪيلي رسالي 'سرتيون' طرفان 'شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو' تي خاص نمبر اشاعت جي آخري مرحلي ۾ آهي. هن خاص نمبر ۾ هيٺ ڄاڻايل مشهور و معروف ليکڪائن ۽ ليکڪن ماهتاب محبوب، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر سحر امدادحسيني ، ڊاڪٽر قمر جهان مرزا، ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو، ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو، ڊاڪٽر نور افروز خواجا، غلام رباني آگرو، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، امداد حسيني، شوڪت حسين شورو، يوسف سنڌي، امر سنڌو، اختر مرزا، زوار نقوي، عرفانہ ملاح، حسن مجتبيٰ، ڊاڪٽر تهمينہ مفتي، نصير مرزا، اڪبر سومرو، محمود مغل، شگفتہ شاهہ، روزينا جوڻيجو، ڊاڪٽر مهر النساءِ لاڙڪ، امبرين هيسباڻي، نظّير قريشي، ڊاڪٽر بختاور ڄام، مسز رشيده ڀٽي، ڊاڪٽر عذرا سرور ڪنتر، غلام محمد ڀٽي، امر لغاري، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، جئہ پرڪاش مورائي، ثمينہ ميمڻ، ڪزبانو سنڌو، حسين مسرت شاهہ، حميرا علواڻي، مسرت جبين، ڪلثوم چانڊيو، شبنم گل، افروز امير صديقي، انيتا شاهہ، زاهده حِنا، حميره نور، آمنا ابڙو، دين محمد ڪلهوڙو، ظفر جوڻيجو، غلام مصطفيٰ بلوچ، نصرت لاشاري، ناهيد نواز، رضيہ هگورو، حسينہ ساند، ريحانہ نظير، نجمہ پنهور، زينب سردار بنگوار بلوچ، زيب لغاري، سعيده بشير چانڊيو، سعيده شفيق ميمڻ، ڊاڪٽر خورشيد ميمڻ، ڊاڪٽر رخسانہ پريت، نذير ناز، اڪبر لغاري، حميره نور، ڊاڪٽر زبيده ۽ ٻين جا مضمون شامل آهن. جڏهن تہ ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، احمد خان مدهوش، تاج جويو، حسن درس، خاتم جانوري، ڊاڪٽر رخسانہ پريت، الطاف باگراڻي، نجمہ شيخ، خليل عارف سومرو، گلبدن جاويد ۽ ٻين جي شاعري موجود آهي. ان کان علاوه شهيد راڻيءَ جي پهرين وزارت اعظميٰ جي حلف برداريءَ جي موقعي تي لکيل سنڌ جي قادر الڪلام شاعر شهيد احمد خان آصف مصراڻيءَ جي شاعري پڻ شامل آهي.